SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVI مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXVI OF 2013
# سنڌ ڪڙمي (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH TENANCY (AMENDMENT) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement
2. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي ترميم
Amendment of Sind Act No.XX of 1950
3. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 25 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sind Act No.XX of 1950
4. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sind Act No.XX of 1950
5. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sind Act No.XX of 1950
6. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of section 24 of Sind Act No.XX of 1950
7. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Sind Act No.XX of 1950
8. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 28 جي ترميم
Amendment of section 30 of Sind Act No.XX of 1950
9. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 31 جي ترميم

Amendment of section 31 of Sind Act No.XX of 1950

10. سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 33 جي ترميم

Amendment of section 33 of Sind Act No.XX of 1950

# سنڌ ايڪٽ نمبر **XXXVI** مجريه **2013**

# SINDH ACT NO.XXXVI OF 2013

# سنڌ ڪڙمي (ترميم) ايڪٽ، **2013**

# THE SINDH TENANCY (AMENDMENT) ACT, 2013

تمهيد (Preamble)

[پهرين اپريل، 2013]

ايڪٽ، جنهن جي ذريعي سنڌ ڪڙمي ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ ڪڙمي ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

ترميم ڪانپوءِ هي ايڪٽ هن طرح هوندو:-

هيئين طرح هن ايڪٽ کي نافذ ڪري سگهجي ٿو.

مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪڙمي (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي ترميم
Amendment of Sind Act No.XX of 1950

2. سنڌ ڪڙمي ايڪٽ، 1950 ۾ استعمال ڪيل "ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" جي جاءِ تي متبادل لفظ "اسسٽنٽ ڪمشنر" ۽ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" لفظ "ڪليڪٽر" ۽ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" جي جاءِ تي متبادل لفظ "ڪمشنر" استعمال ڪيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 25 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sind Act No.XX of 1950

3. هن ايڪٽ جي دفعه، 2 ۾-

(i) هيئين دفعه (1) ۾، لفظ "چراگاهه" ڪانپوءِ استعمال ٿيندڙ لفظ جاگير کي حذف ڪيو ويندو؛

(ii) هيئين دفعه (11) ڪانپوءِ ڏنل لفظ شامل ڪيا ويندا.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX

"فصل تي خرچ"مان مراد واٽر ڪورس، فصل ۽

سارسنڀال تي ايندڙ سمورا ضروري خرچ شامل آهن.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sind Act No.XX of 1950

3. بيان ڪيل ايڪٽ جي دفعه 17 ۾، لفظ پڪنگ چارجز ڪانپوءِ ڪٽائي، صفائي، پوڪ جي لاءِ گاڏي يا نقل و حرڪت سميت پين خرچن جا لفظ شامل ڪيا ويندا ۽ هيءُ خرچ مارڪيٽ ريٽ تي حساب ڪيا ويندا. هيءُ خرچ ڪرائيدار ۽ مالڪ برابر برداشت ڪندا.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sind Act No.XX of 1950

5. بيان ڪيل قانون جي دفعه (A)ڪان علاوه هيٺ ڏنو متبادل هوندا:

”(a) ٻني جي موثر پوک جي لاءِ گهربل جانور، مزدور يا مڪنيڪل سامان يامشينري، پل هلائڻ جي ذميواري هن تي لاڳوهوندي.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of section 24 of Sind Act No.XX of 1950

6. ٻڌايل ايڪٽ جي دفعه، 24 جي شق(c) ۾ لفظ ۽ (ڪڙمي) ڪانپوءِ فل اسٽاپ جو اضافو ڪيو ويندو، ۽ لفظ (تي مالڪ ڪڙمي جي مرضي جي خلاف هن جي يا سندس خاندان جي فرد کان ڪا به مفت مزدوري نه وٺندو) هيءُ لفظ حذف ڪيا وڃن.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Sind Act No.XX of 1950

7. ٻڌايل ايڪٽ جي دفعه، 28 جي هيٺين-

(1) ۾ لفظ (هڪ ايجنٽ جي پاران) جي بدران (ان جي ايجنٽ جي پاران) متبادل لفظن جي طور تي هوندا.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 28 جي ترميم
Amendment of section 30 of Sind Act No.XX of 1950

8. پڌايل ايڪٽ جي دفعه 30 ۾:-
(i) ذيلي دفعه (1) ۾ انگ ۽ اکر (ٽيهه) "30" جي متبادل انگ اکر (اوڻٽيهه) "29" هوندا، بعد ۾ لفظ (هڪ درخواست تي يا پاڻمرادو شامل ڪي وڃي).
(ii) ذيلي دفعه (2)، لفظ "ڪليڪٽر" جو متبادل "ڪمشنر" هوندا.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 31 جي ترميم
Amendment of section 31 of Sind Act No.XX of 1950

9. پڌايل ايڪٽ جي دفعه 31 آهي-
(i) ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾ انگ ۽ اکر 30 جي لاءِ متبادل انگ اکر "(اوڻٽيهه)" هوندا.
(ii) ذيلي دفعه (ب) ۾ انگ ۽ اکر "(ٽيهه) 30" جي لاءِ متبادل انگ اکر "(29)" هوندا.

سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1950 جي دفعه 33 جي ترميم
Amendment of section 33 of Sind Act No.XX of 1950

10. پڌايل ايڪٽ جي دفعه 33 ۾ انگ اکرن جي لاءِ متبادل انگ اکر "29" هوندا ۽ انگ اکر "31" جي لاءِ متبادل انگ اکر "30" هوندا.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو

ڪري سگهجي.